# پولڙن روزو رکيو

هڪ سائو ۽ گهاٽو جهنگل هو. جهنگل جي وڻن جي ٽارين تي تمام گهڻا جانور رهندا هئا. سڀ جانور خوش گذاريندا هئا انهن کي کاڌي پيتي جي ڪا کوٽ نه هئي.

جهنگل ۾ پولڙا به رهندا هئا. کائڻ پيئڻ جا شوقين ٿلها متارا اهي پولڙا ڪڏهن ٽپ پيا ڏيندا هئا ته ڪڏهن وڻن جي ٽارين تي لڏندا رهندا هئا. ڪڏهن ٻين جانورن کي چِڙا ڏئي چيڙائيندا رهندا هئا.

انهن پولڙن کي هڪ عجيب بيماري ٿي پئي. سو اهي هڪ بزرگ پولڙي وٽ ويا، اهو بزرگ پولڙو سيني کان الڳ هڪ گهاٽي ٻڙ جي وڻ هيٺان رهندو هو.

بيمار پولڙن بزرگ پولڙي کي چيو ته ”سائين اسان سيني پولڙن کي هڪ عجيب بيماري ٿي پئي آهي.“

”اها ڀلا ڪهڙي بيماري آهي؟“ بزرگ پولڙي پڇيو

”ٿيو ايئن آهي ته پهريائين ته اسان هر وقت وڻن جي ٽارين تي لٽڪندا ۽ ڪيڏندا رهندا هئاسين ۽ ڏاڍو خوش رهندا هئاسين پر هاڻي ٽارين تي لڏڻ ۽ ڪيڏڻ لاءِ دل نه ٿي چاهي. هاڻي ته تلاءَ تي وڃي پاڻي پيئڻ به ڏکيو ٿو لڳي.“

بزرگ پولڙو ڌيان سان سيني جون ڳالهيون ٻڌي رهيو هو ۽ پوءِ هن انهن سيني تي هڪ نظر وڌي ۽ چيو ته ”توهان سڀ گهڻا ٿلها متارا ٿي ويا آهيو، وڌيڪ کاڌو کائڻ جي ڪري توهان جو اهڙو حال ٿيو آهي. توهان جي بيماري جو علاج اهو آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هفتي ۾ هڪ ڏينهن روزو رکو. يعني هر ستين ڏينهن تي سڄن ڪلاڪن لاءِ ڪجهه به نه کائو.“

سيني پولڙن بزرگ پولڙي جا ٿورا مڃيا ۽ واپس آيا. پولڙن جي سردار چيو ته ”بس اسين اڄ ئي روزو رکنداسين.“ ”پر روزو ڇا سان کوليندا سين؟ ان شئي جو اڳواٽ انتظام ڪرڻو

پوندو. چاڪاڻ ته روزي ۾ ته ڪمزوري ٿي ويندي آهي. ان حالت ۾ ڪاڏي جي شئي آڻڻ لاءِ ڪنهن ۾ به همٿ نه رهندي.‘‘ سردار جي زال صلاح ڏني.

سڀني کي اها صلاح پسند آئي. هنن هڪ نوجوان پولڙي کي موڪليو ته روزي کولڻ لاءِ ڪا مذيدار شئي ڳولي ڪٽي اچي.

نوجوان پولڙو هڪ ڪيلن جي باغ ۾ گهڙي ويو. باغ جو مالهي تلاءَ ۾ وِنهنجي رهيو هو ۽ ان جا ڪپڙا تلاءَ جي ڪناري تي پيا هئا. پولڙي وجهه وٺي اهي ڪپڙا اتان ڪٽي ڪٿي لڪائي ڇڏيا. جڏهن مالهي تلاءَ منجهان نڪتو ۽ ان کي پنهنجا ڪپڙا نظر نه آيا ته ڏاڍو پريشان ٿيو ۽ ڪپڙا ڳولڻ لڳو.

ايتري دير ۾ پولڙي ڪوڙ سارا ڪيلا ٽوڙيا ۽ باغ مان نڪري جهنگل ڏانهن روانو ٿيو.

وڏا وڏا پيلا ڪيلا ڏسي سڀ پولڙا ڏاڍا خوش ٿيا. هڪ پولڙي چيو ته ’’پلا اسين ايئن ڇو نه ڪيون ته پنهنجو پنهنجو ڪيلو ڇلي رکون. متان روزو کولڻ مهل ايتري ته ڪمزوري ٿي وڃي جو اسان ۾ ڪيلي ڇلڻ جي به همٿ نه رهي.‘‘

سڀني کي اها صلاح دل سان لڳي ۽ انهن ان سان اتفاق ڪيو ۽ پنهنجو پنهنجو ڪيلو ڇلي پاڻ وٽ رکيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ هڪ پولڙي چيو ته ’’مون کي ته هينئر کان ئي ڪمزوري پئي محسوس ٿئي. ڇو نه اسين ايئن ڪيون جو پنهنجي ڪيلي کي وات ۾ وجهي جهلي رکون ۽ پوءِ جڏهن ست ڪلاڪ پورا ٿيندا ته فورآ ان کي چٻاڙي ڳهي روزو کولي ڇڏينداسين.‘‘

پولڙن کي اها صلاح به ڏاڍي وڻي. سڀني پنهنجو پنهنجو ڪيلو وات ۾ وجهي ڇڏيو.

ٿوري دير ڪانپوءِ هنن ڏٺو ته نوجوان پولڙي جو وات خالي آهي. ان جو مطلب ته هو ڪيلو کائي چڪو آهي. سڀني پولڙن ان تي الرون ڪيون پر نوجوان پولڙي وضاحت

ڏيندي چيو تہ ’’ مان چا ڪريان، منهنجو ڪيلو پاڻهي پاڻ وات مان ڪسڪندي نڙي مان اندر هليو ويو.‘‘

پولڙا چپ ٿي ويا. انهن کي بہ ايئن ئي لڳو تہ انهن جا پنهنجا ڪيلا بہ وات منجهان ڪسڪندي نڙي ۾ وڃي رهيا آهن. ۽ پوءِ ايئن ئي ٿيو تہ انهن سڀني جا ڪيلا وات مان ڪسڪندي نڙي منجهان ٿيندي پيٽ تائين پهچي چڪا هئا ۽ انهن کي روزو رکندي اجا هڪ ڪلاڪ بہ مس ٿيو هو.

**ماخوذ**

**آمنہ اظفر**

**سنڌي ۾ ترجمو**

**عطيہ دائود**